# قواعد القرآن

(قرآن شريف جي صحيح پڙهڻ جا قاعدا)

مصنف

قاري عبدالرحمان

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد / ڪراچي

# قواعد القرآن

(قرآن شريف جي صحيح پڙهڻ جا قاعدا)

مصنف

قاري عبدالرحمان

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد/ ڪراچي

١٤١٢هه/ ١٩٩٢ع

تعداد: هڪ هزار

سال: ۱۹۹۲ع

قيمت: ۱۵ روپيا

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
سنڌ صوبائي ميوزيم، قومي شاهراه
حيدرآباد سنڌ

---

مرڪزي ڪتاب گهر
۹۷۲- محلو گل شاه بخاري
گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

---

هيءَ ڪتاب سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڪمپيوٽر سسٽم مان ڪمپوز
ٿيو ۽ اداري جي سيڪريٽري عنايت الله جوڻيجي شايع ڪيو.

# مهاڳ

سنڌ ۾ صدين کان وٺي اسلامي تعليمي نظام رائج هو، جنهن ۾ بنيادي مڪتبي تعليم کي وڏي اهميت حاصل هئي. مسلمان ٻارن لاءِ "مڪتبي تعليم" اصولي طور ديني تعليم هئي، جنهن ۾ قرآن شريف پڙهائڻ سان گڏ توحيد ۽ رسالت ۾ ايمان پختو ڪرڻ، اسلام جي بنيادي ارڪانن مان خاص طرح نماز روزي جا فرض سمجهائڻ ۽ نماز ادا ڪرڻ لاءِ جسم، لباس ۽ نيت جي صفائي ۽ اخلاقي پاڪائي رکڻ لازمي طور شامل هئا.

مڪتبي تعليم جي شروعات ئي قرآن شريف جي درس سان ٿيندي هئي، ۽ قرآن شريف کي ، حيح ۽ صحت سان پڙهڻ ان تعليم جو لازمي جُز هو. قرآن شريف جي مطالعي جي سلسلي ۾ جيڪي علم اُسريا تن ۾ "علم تَجوِيد" ۽ "علم قرأت" کي اهميت حاصل هئي. قرأت ۾ جيڪڏهن حرف پنهنجي صحيح مخرج مان ادا نه ٿيا ته لفظن جي ادائگي جو معيار قائم نه رهندو ۽ بعضي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ پڻ فرق ٿيندو. تنهنڪري عالمن قرآن شريف جي تَجوِيد جي قاعدن تي رسالا لکي قاري کي صحيح قرأت کان واقف ڪيو، پر اهڙا تحقيقي رسالا عربيءَ ۾ لکيا ويا، جن کي سنڌي طالب علم پوريءَ طرح سان سمجهي نٿي سگهيا. سنڌن انهيءَ ضرورت کي محسوس ڪندي قاري عبدالرحمان ١٣- صدي هجري جي اوائل ۾، سنڌي ۾ هيءُ رسالو "قواعدالقرآن سنڌي" لکيو، جنهن ۾ قرآني حرفن جي مخرجن، صفتن، ادغامن، تنوين وغيره کي تفصيل سان سمجهايائين. جڏهن ٻاڻ ڇاپايو اٿس، هن ڪتاب

کي وري ٻيو پيرو درست ڪري سنواري لکيائين.

هن رسالي ۾ قرأت ۽ تجويد جي علم ۽ فن سان گڏوگڏ "علم لسان" جي هڪ اهم موضوع يعني نڙي، وات ۽ ڏندن مان حرفن جي نڪرڻ وارن هنڌن، "مَخرجن" جو تفصيل سمجهايل آهي، جنهن جو اختصار ڪتاب جي آخر ۾ ضميمي طور ڏنو ويو آهي.

هن رسالي جو مخطوطو راقم جي ڪتبخاني ۾ محفوظ هو، جنهن کي "سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري" جي اشاعتي پروگرام هيٺ شايع ڪيو وڃي ٿو. هن اشاعت ۾ "قواعدالقرآن سنڌي" منظوم جي اصل دستخط مسودي جو صفحو ساڄي پاسي ڏنو ويو آهي ۽ ان صفحي جي هرهڪ سٽ جي نثر ۾ سمجهاڻي کاٻي پاسي سامهون واري صفحي تي موجوده صورتخطي ۾ ڏنل آهي ته جيئن مفهوم سمجهڻ ۾ آساني ٿئي.

محترم محمّد اسماعيل شيخ ۽ اداري جي ڪاتب محترم فيض محمّد پتافي سڪَندري کي جس جڳائي جن قلمي متن کي پريس ۾ ڇپائي لاءِ تيار ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڪئي.

| | |
|---|---|
| حيدرآباد سنڌ | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ |
| ۲ محرم ۱۴۱۳هه | سربراه |
| ۴. جولاءِ ۱۹۹۲ع | سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو |

# عنوانن جي فهرست


| | |
|---|---|
| (قرآن شريف صحيح پڙهڻ جا قاعدا) | ٨ |
| مخرجن جو بيان | ١٠ |
| وصفن جو بيان | ١۴ |
| ”نون“ ساڪن ۽ ”تنوين“ جو بيان | ٢٠ |
| ”ميم“ ساڪن جو بيان | ٢۴ |
| ”لام“ ساڪن جو بيان | ٢٦ |
| ”ري“ ٿُلهي ۽ سنهي جو بيان | ٢٦ |
| ”مَد“ جو بيان | ٣٢ |
| ”هي“ ضمير جو بيان | ٣٦ |
| ”وقف“ جو بيان | ۴١ |
| ضميمو | ۴٦ |

بسم الله الرحمن الرحيم

سڀ ساراهه الله کي جل جلاله جو هادي رهنما
سڀ ۽ سنهاءِ ي ستارتن مهرس مولى جل جلاله
جن نه ونجائيان پساهه ڪوڙ ۽ تون ذڪر ۽ فڪرا
۽ ٻن ڪارڻ سيئي ڪمر اجهم رحمن تون رضا
باري ٻيڙا ئنگا ٻيڙا رڪرمن جنگاين ٿي جا
محبت محمد ڪريم جي صلى الله عليه وسلم منکي اکا ڪر عطا
منکي ٿي ذاتا رتن اهل بيت ۽ اصحابن جو سڪ سترا ساءُ
صلوات ۽ سلاميتي سايم سدا متن وساءِ
نڪ شاعر آهيان نه عالم اخبار
پر ڪو ٻونه وهن فنجو ساڃي سيڪاريم سترا
ڪونه اختياج انجو عالم جي جانن ڪن انها
مڪر منجهه اداءِ ڪريم آهين مري محتاج استاذ نجا
پر عاري جي عربيڪا مان تنکي تيي فيضا
تڏهه سا سنڌي ڪيم سهڪي ڪدي قواعد

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

١- سڀ ساراهون الله کي جو هادي ۽ رهنما آهي
٢- اي ستار! تون پنهنجي مِهر سين مون کي سڌي سنئين واٽ ڏيکار
٣- جئن تنهنجي ذڪر ۽ فڪر کان سواءِ ڪو پساه اجايو نہ وڃائيان
٤- ۽ پڻ مون کان اهي ئي ڪم ڪراءِ جن ۾ تو رحمان جو راضيپو هجي.
٥ - اي باري تعاليٰ! مون کي بڇڙاين کان بيزار ڪر ۽ چڱاين جو چاهُ ڏي
٦- اي آگا! مونکي حضرت مُحمّد ڪريم صَلَّي اللهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ جي محبت عطا ڪر
٧- اي ڏاتار! مونکي اَهل بيت ۽ اصحابن جي ڏاڍي گهڻي سڪ جو ساءُ ڏي
٨ - اي منهنجا سائين! اُنهن تي سلامتي ۽ صلواتن جو مينهن وساءِ.
٩- آءٌ نڪين شاعر آهيان ۽ نہ وڏي ڄاڻ رکندڙ عالِمُ آهيان
١٠- پر سائينءَ، هِن فَن جي سِتاء جو ڪو ذرو پرزو سکاريو اٿم
١١- جيڪي عالِمَ هن کان گهڻو ڄاڻن ٿا تن کي هِن (لکيت) جي گهرج ڪانهي
١٢- مگر (تجويد) ادا ڪرڻ ۾ مِڙئي اُستادن جا محتاج آهن.
١٣- پر (هن لکيت مان) شال انهن کي فيض ٿئي جيڪي عربي نٿا ڄاڻن
١٤- تڏهن "قَوَاعِد" ڪڍي ان کي سَهکي سنڌي ۾ ڪيم

پَڙهي سِکُو هِنَ بابَ جو جوڙيُم هِنَا اِڪي

ڪي خطاءُ تهم ڏيم جي وري

سيکاري قدر سگهجي ڪيم برحال بي ٻيري

نالو رکيم تهجو قواعد القرآن ڪري

ڪون رکيم ٻهري ڀي نالو نشاني وري

جنهن ڪم لاءِ ڏکي هوءِ لکو اِڪي سِکي

سوور ساري هنيءَ سو ڏو صحيح ڪري

هاڻي لکان ڪي قواعد قرآنجا توفيقس مولىٰ

جي ٻڌندي قرآن جي ڪتابن فرض ڪيا

تاني طالب تهجو ور اوڏو ٿي انناءِ

ته پرن مخرج حرفنجيءِ وصف ٻن آهين عين فرضا

ٻن ادغام ۽ اظهار انجا ڪي ٻا قواعد جي اهم

ته اداءُ مرن ان سندون واجب لکن تا

عُٻن رعايه وقف ۽ ابتداءَ جي اٿي مستحبا

تحريم مخدوم محمد هاشم جي آهي اير تفصيلا

١- پر هن باري ۾ هيءُ نسخو جيڪو هن کان اڳ جوڙيم
٢- تنهن ۾ پوءِ جيڪي خطائون ڏٺيم
٣- سي وس آهر ساري سنياري ٻئي ڀيري درست ڪيم
٤- ۽ تنهن جو نالو "قواعد القرآن" ڪري رکيم
٥ - جئن تہ پهرين (رسالي) تي ڪو نالو نشان ڪونہ رکيو هئم
٦- تنهنڪري جي اڳئين نسخي کي ڪنهن لاڱ مان لکيو هجي
٧- سو ڀل تہ هِن (رسالي) سان ڀيٽي صحيح ڪري.
٨ - هاڻي ڌڻي سائين جي توفيق سان قرآن جا ڪي قاعدا لکان ٿو
٩- جي قرآن پڙهندڙ تي ڪتابن فرض ڪيا آهن
١٠- تڏهن بہ (قرآن جو) طالب ڀل تہ (قواعد کي) ويجهو ٿئي ۽ صحيح پڙهڻ جي اونَ ڪري
١١- تہ حرفن جيون "مخرجون" ۽ "وصفون" پڙهڻ عين فرض آهن
١٢- پڻ اُن جا "اِدغَام" ۽ "اِظهَار" يا ٻيا اهڙا ڪي قواعد
١٣- آهن تہ انهن مِڙني کي ادا ڪرڻ پڻ واجب لکن ٿا
١٤- ۽ پڻ "وقف" ۽ "ابتداء" جي رعايت مُستحب آٿو
١٥- مخدوم محمّد هاشم جي تحرير ۾ هِن طرح تفصيل آهي

۽ اِيُ فرض واجب ٻن اڌ اکرن عين ٿيا ۽ سکڻ علم ڪفايتا

اِنَيَر لکيو جزريءَ جي شرح شيخ عليّ قاريا

باب مخرجن جو هاڻي لکان هيجس ٻهر پرت منجها

مخرج مڙن حرفن جي سان سهکي صورتا

ٻهر مخرج همزيءَ هي جي نهارج ڳرکو تجي يار منجها

۽ کنا وچ ڳرکو تجي عين ۽ حي جي آهي مخرجا

ٻن غين ۽ خي ٻئي نڪرن ٿي ڳرکو تجي پاڻي منجها

هي ڇهي حرف حلقي ٿيا ۽ اِنتا اڳره لسانيا

سي قاف ڪنا ڪري ڪنجاه زي تون زودا

۽ چار شفوي جون سا جنجي اِنتا مخرجا

في وا و ٻي ميم چاري آهي سنجاه

هاڻي مخرج لسانين جي سڻي سڪيجاه

قاف ۽ ڪاف نڪرن منجها پاڙ جيڀ جي ۽ سانس متيجا

چارا، جاءِ جيم ۽ ٻي شين جي آهي جيڀ ۽ تارو وچا جي

جاءِ ضاد جي پاسو سچيهم جيڀ جو ۽ ڏاڙهن جي ٻن پارا

١- ۽ اِهي "فرض" "واجب" ادا ڪرڻ، تــوڙي "ڪِفــايَت" جو عــلم سـڪـڻ ضـروري آهي.
٢- شيخ علي قاري "جَزريءَ" (مصـنـف جي ڪـتـاب) جي "شرح" ۾ اِن طرح لکئو آهي

## باب مَخرَجُنِ جو*

٣- هــاڻــي هــيــجَ ســان لــڪـان، پــهـريـائـيـن پِـرت مـنـجـهـان
٤- مِـڙنـي حـرفـن جيـون مـخـرجـون سَـهـڪيءَ صـورت سـان
٥ - پـهـريـن مـخـرج "همزي" (ء) ۽ "هي" (هه) جي ڏِسـج، جـيـڪـا نڙگـهـٽ جي پـاڙ مـان نـڪـري ٿي
٦- ۽ نڙگهٽ جي وچ ڪَنا "عين" (ع) ۽ "حي" (ح) جي مخرج آهي
٧- "غين" (غ) ۽ "خي" (خ) اِهي ٻئي نڙگهٽ جي پُڇاڙيءَ منـجـهـان نـڪـرن ٿيـون
٨ -اِهـي ڇهـئـي حـرف "حَلقِي" (نڙيءَ جا) ٿـيـا، انـهـن تــان اَرڙهــن حـرف "لِساني" (جڀ جا) آهـن.
٩- ســي "قــاف" (ق) ڪـان وٺِـي "زي" (ز) تـائـيـن ڳـڻـجـان
١٠- ۽ ٻـيـا چار "شَفوِي" (چپن جا) چئـجن ٿــا جن جـون مـخـرجـون انـهـن تـان آهـن
١١-اُهـي چـارئـي حـرف "في" (ف)، واوُ (و)، "بـي" (ب) ۽ "ميم" (م) سُڃاڻجو
١٢- هــاڻــي "لِـسـانـيـن" جـون مـخـرجـون ٻـُڌي سِـڪـي جيـڏيـو
١٣- "قاف" (ق) ۽ "ڪـاف" (ڪ) جِڀَ جي پاڙ ۽ مٿين ڄاڙين مان ادا ٿـيـن ٿـا
١٤- "جيـم" (ج)، "يي" (ي) ۽ "شيـن" (ش) جي مــخرج جِڀَ ۽ تــارونءَ جي وچ واري جاءِ آهي
١٥- "ضاد" (ض) سَڄي جِڀَ ۽ ڏاڙُن (ڏاڙهُن) جي پاڙن واري جاءِ مان ادا ٿئي ٿو.

---

*مصنف "مخرج" جنهن جو جمع "مخرجون"، مونث ۾ استعمال ڪيو آهي. ان لحاظ سان معنيٰ ٿيندي "نڙي کان وٺي چپن تائين اندران زبان سان آوازن جي ڪڍڻي."

جاءِ لام ۽ نون ۾ جي جما ساري سنج سا
مٿو پاسي جيڀ جو ۽ ڪنارا رضاحڪ ناب رباعيا
ٻي ترئي نالا تنجا جي وچ ڏاڙهن ۽ وچين ڏندن آهين اُسنا

جاءِ طي ۽ دال تيجي سن ساري سرت وارا
ڪنا مٿي جيڀ جي ۽ پاڙ ڏندن وچين مٿين جيڪا

جاءِ ظي ۽ ذال ثيجي پن لکن ڪتابا
ڪنا مٿي جيڀ جي ۽ ٻن ڏندن وچين جي مٿن گا

جاءِ صاد ۽ سين زي جي مٿو جيڀ جو ۽ مٿان ڏندن هيٺين
وچين جا ۽ ات لساني پورا ٿيا سن شفوي شوق وارا
جاءِ في جي مٿان ڏندن وچين جاءِ هيٺين لبجو سيا
جاءِ واو ۽ بي ميم جي آهي منجايت بن لبنا
پر واو ۾ الب نه لکن پا نم ۽ هن ٻن ۾ جوتي جا

انهم دستور مخرج لکن ڪتاب تجويد جا
پر ڪن جيو مخرج سي کهم حرفن ۾ وچا ٿئي آهي
مڪر اوڏا اي سبب ڪن جي لکن هيڪري ڪري

سو ويڇو پرورح ايهم جن پهر لکن مخرجن نالو جوهم
سوئي آهي پهري پني تهان يو ءِ
ڪ قدر تورا ڪن هندو ويڇا ٿو
جي ڇهرو همزي ءِ هي وچ فرق پرور جي پو
ءِ مخرج حرفن مدن جي ڪنارا حلق جي لبن سي آهي سڀ
سي حرف مدا تري ٿيا جي منجهه لفظ نو جنهنڪا ڏنا
هيڪو واو ساڪن ءِ ماقبل اُس جي پيشا
بي يي ساڪن ماقبل اُس جي زيرا
ترو ءِ منجان الف تو ءِ جو سدا ساڪنا
هن پر ايم حوصلو ءِ صواب تان جاني علما

## باب [illegible] بيان وصفن جي

هاڻي سي وصف ليکيان جن ڪري حرف صحيح ٿين سهڪا
پر سي وصف ٻن آهن ٻن قسما هيڪي موافق پانم ٻي مخالفا
موافق هيڪري حرفن ٻن ڪنڌ تين ءِ مخالف ڪي منعا
ست حرف آهن مستعلي ٻيا سڀ سنا انجا مخالفا

١. اهو ويچو هن طرح پروڙج جو پهرين جنهن حرف جو نالو مخرج ۾ لکيل آهي
٢. اُهوئي پهريون آهي، ۽ ان کان پويون تنهن کان پوءِ آهي
٣. (پويون) ڪِي قدر ٿورو گهٽو (پهرئين کان) وبچائتو هوندو
٤. جهڙيءَ طرح "همزي" (ء) ۽ "هي" (ه) جي وچ ۾ فرق ڏسجي پيو.
٥ . "مَدَنِ" وارا حرف، جي حلق جي پاڙ کان ۽ چپن سان ادا ٿين ٿا سي سڀ "هَوا" آهن
٦. سي "حرف مَدا" ٽِري ٿيا ، جي لفظ "نُوْحِيْهَا" ۾ گڏئا آهن
٧. هڪڙو "وَاو" (و) ساڪِن، جنهن جي اڳئين حرف "ن" تي پيش آيل آهي
٨ . بِي "يي ساڪِن" (ي) جنهن جي اڳئين حرف "حَ" تي زبر آيل آهي
٩. منجهائن ٽِرئو حرف "الف" ٿيو جيڪو سدائين ساڪِن هوندو آهي
١٠. اهڙيءَ طرح صوابُ (ثواب) سمجهي(هن رسالي لکڻ جو) حوصلو آيم.

## بابُ منجهه بيانَ وصفُنِ جي

١١. هاڻي اُهي وصفون ٿو ڳڻيان جن جي ڪري حرف سولائيءَ سان صحيح ٿين ٿا
١٢. پر اُهي وصفون ٻه ٻن قسمن جون آهن: هڪڙيون پاڻ ۾ موافق ۽ ٻيون مخالف
١٣. موافق وصفون هڪڙي ساڳئي حرف ۾ ٻه گڏ ٿين ٿيون، پر مخالفن کي اهڙي منع آهي
١٤. ست حرف مُسْتَعَلِي آهن ۽ ٻئا سڀ سَنهَان (هلڪا) اُن جا مخالف آهن

اُوءِ تلا ستي ۾ سڪه لفظ خص ضغط قظ جي منجها
پَر اِن سَتن منجهان اُهين چار مطبق جي مخالف منفتح جا
سي مطبق ص ض ط ظ جي چاري ڪني هت ڪجا
معنا مطبق جي آهي ۾ ا هـا
جن جي وِير حرف جي وات پري ڪجي ميل پورن ڌاه
ٻا سي ۾ اِن جي ري آهين منفتحا
منفتح جي ته حرف جي جهم اُنجي واتڪي پون جي وِرا
ٻا مري ۾ اِن ستن مستعلين ري سنا تـا
مڪرري ۾ اسم الله جو لام اي بي ۾ تلاتين منجه ڪه ڪه مڪانا
جن اي پن آهين مشابه تلن جـا
سو لام تلو تڏهه هو ۾ جي ميي حرف ما قبل انجي زبر ڪا
جهڙو رسول الله ۾ نـاقـة الله
۾ جي زبر هو ش ما قبلم تير جي سن جهڙو بالله ۾ في الله
۾ تلي رڳجو اندو بيان اڳيا سبب ڪني تفصيلا
۾ پن الف سدا ۾ سن هو ۾ مڪر سان تلن حرفن تلو ڪريجاه

١۔ اِهيَ سَتئي ٽُلها حرف "خُصَّ"، "ضَغطِ" ۽ "قِظ" لفظن منجهان سک

٢۔ پر انهن ستن منجهان چار "مُطْبِقَا" آهن جيکي وري "مُنْفَتِحَن" جا مخالف آهن

٣۔ سي مُطْبِقا حرف صاد، ضاد، طوئي، ظوئي ڳڻي هت ڪجاءِ

۴۔ مُطبِقَائيءَ جي معنيٰ اِهائي آهي جو

٥۔ انهن حرفن چوڻ وقت واتُ پري پُورڻ ڏانهن مَيلُ ڪجي

٦۔ انهن چئن کان سواءِ ٻيا سيئي مُنْفَتِحَا حرف آهن

٧۔ مُنْفَتِحو تنهن حرف کي چئجي جنهن کي پڙهڻ وقت وات کي پَٽجي

٨۔ اِنهن ستن مُسْتَعَلِيَنِ کان سواءِ ٻيا مڙئي حرف سَنها ٿيا

٩۔ مگر ڪنهن ڪنهن هنڌ تي "ري" ۽ اِسمُ الله جو "لام" ٻَئي ٿُلها ٿين ٿا

١٠۔ جو اِهي پڻ ٿُلهن حرفن جا مُشابه آهن.

١١۔ "لام" ٿلهو تڏهن ٿئي جڏهن اُن جي اڳئين حرف تي زبر يا پيش اچي

١٢۔ جيئن تہ "رَسُوْلُ اللهِ" ۽ "نَاقَةَ اللهِ"

١٣۔ ۽ جي زير هونديس اڳئين حرف تي تڏهن سَنهون پڙهجي ٿو، جيئن "بِاللهِ" ۽ "فِي اللهِ"

١۴۔ ۽ ٿُلهِيءَ "ري" جو بيان گهڻي تفصيل سبب اڳيان ايندو

١٥۔ ۽ پڻ "الف" سدائين سنهون هوندو آهي پر ٿُلهن حرفن سان گڏ اچي تہ اُن کي بہ ٿلهو ڪجئو.

مُوْٽِي مَرِنِ حَرْفَنِ کا اَٽَ تان نِبارُ شَدِيدا
۽ ٻيا مَرِيْ مُخَالِفَ تِنھا ڪُنْھَرا نِبارا
اَجِدْ قَطٍ بَکَتْ اَٽِيْ ۽ اِھِيْ شَدِيدا
شَدِيْدُ جيڪي ڏاڍي نِڪِي جِنْ اِنَم بَنْدُ ٿِيِّي آوازُ تُوڙَ ٻائِي سَبَا
۽ ٻَيَنِ مَرِنِ حَرْفَنِ جارِيْ ٿِيِّي صَوْتا
۽ ٻَنھِ حَرْفَ لَفْظُ لَنْ عُمَرَ جاجِيْ اَھِيْنِ وِچِتَرا
جِنْ نَکِ تَمامُ ڪُنْھَرا ۽ نَکَ اُوْڏا ٻَرا
اِنِ تيرِھَنِ حَرْفَنِ رِيْ ٻيا مَرِيئِيْ رِخْوا ڪُنْھَرا ڪَرِيا
۽ ٻَنھِ حَرْفَ اَھِيْنِ قَلْقَلِيا قُطْبُ جَدُ جِنھِي ۽ اُتُ ٻُورا
قَلْقَلُو جيڪي جُنْبائِيَنِ تِنْ ھِيْنِ وَقْتِ وَقْفِ ۽ سُکُونِ جي ڪِجھُ جُنْبائِيْ ۽ بِيْدارا
اِنِ ٻَنھِنِ رِيْ ٻيا مَرِيئِيْ مُسْتَقِرُّ مُخَالِفُ اِنھا
۽ ڏَهَ حَرْفَ اَھِيْنِ مَھْمُوسَ فَحَثَّهُ شَخْصٌ سَکَتْ سَنَدَ
مَھْمُوسُ جيڪي جي ضَعِيفِ ڪِي ۽ ھِيْ ٻُنْ نِکَرَنِ مَخْفِيْ آوازُ سُسْتا
بَنْدُ نَه ٿِيِّي پَساهُ تُوڙِ ٿَنْدِيْ اِنَمِ ضُعْفِ مَخْرَجِ جي سَبَبا
۽ ٻيا مَرِيئِيْ حَرْفَ مُخَالِفَ اِنِ ڏَھَنِ جا ٻَدَ رائِيْ سَبَبا

١. مِڙني حرفن مان وري اٺ حرف نِبار (نِج) شديد آهن
٢. ۽ ٻيا تن جا مخالف حرف نِبار (نج) ڪُونئرا آهن.
٣. "اَجِد"، "قَطٍ" ۽ "بَڪَتْ" انهن لفظن ۾ آيل اٺئي حرف شديد آهن
٤. "شديد" ڏاڍي کي چئجي جو ڏاڍائي جي سببان ان ۾ آواز بند ٿو ٿئي
٥ - ۽ ٻين مڙني حرفن ۾ آواز (صوت، اُڇار) جاري ٿو ٿئي
٦. "لَنْ عَمَرَ" جا پنج حرف جي وچٿرا آهن
٧. جو اُهي نڪين تمام ڪونئرا تہ نڪين ڏاڍا آهن
٨ - انهن تيرهن حرفن کان سواءِ ٻيا مڙئي حرف "رِخُوا" ڪونئرا ڪجو
٩. پنج حرف قَلْقَلي جا "قُطُبُ" ۽ "جَدٍ" لفظن ۾ پورا آيل آهن
١٠. "قَلْقَلو" چئجي "جُنْبَائِنْ" کي، تنن انهن حرفن کي بہ وقف ۽ سُڪون جي وقت ۾ جُنبائي پڌرو ڪجي
١١. انهن پنجن کان سواءِ ٻيا مڙئي حرف مُسْتَقِرا" ۽ اِنهن جا مخالف آهن
١٢. ۽ ڏهہ حرف مَهْمُوْسَا آهن جيڪي "فَحَثَہُ"، "شَخص ۽ "سَڪَت" لفظن ۾ سمايل آهن
١٣. "مَهْمُوْسَو" چئجي ڳُجهي ۽ ضعيف کي، جو انهن اکرن جا آواز بہ مخفي ۽ سُست نڪرن ٿا
١٤. مخرج جي ضعف سببان، انهن کي پڙهندي اِن ۾ پساه بند نہ ٿو ٿئي
١٥. ٻيا مڙيئي حرف، انهن ڏهن جي پڌرائي سببان مخالف ٿيا

جهڙيا ڪو ڄڻن تيلهم صفة منجه سدا
وصف ضروري هي ٻج ٻين پڙهي پرورا

### باب منجه بيان نون ساڪن ۽ تنوين جي

هاڻي حال نون ساڪن ۽ تنوينجا چوگا چار ڪرين
پر نون تنوينجو جيڪي ساڪن نونکي جو آجي لکي آخر ڪلم جي
پان پر سڀجي صورتم پر بدراس بي اعراب وڌا اجي
تيلاهم به اعراب جت لين بت تنوينجو ساڪن نون پر جي
پر حال چاري هي سڀنجا جي ڪـــذي
هيڪ اظهار ٻو ادغام ٽو ٽرو اخفاء چوٿ قلب ڪهجي
پوءِ اظهار ڪجي اتهم جت ڪو حرف حلقي پو ابن ڪي اچي
سي حرف حلقي جهڙي لفظ خ ح ع غ ع ه منجا گني هت ڪريج
جهڙو من غل امنين ۽ ٻيا مثال پڻ انهي پوري پريج
۽ ٻو حال ادغام جو جهن حرفن يرملون جي منجه ڪجي
جهڙو من ولي ولا نصير ۽ ٻيا پڻ اهڙا سڀي
پر منجا ان جهن پنجين ۾ ت ادغام ڪجي غنس ۽ بن و ت
غن ري پريج ۽ اوچار جي غن وار اسي لفظ پو من مر ڪن ۽ هو ۽

١. تنهن لاءِ "صِفت" ۾ سدائين "جَهْرِيَا" کونجن ٿا.
٢. هاڻي هي ضروري "وصفون" پڙهي پروڙي پين کي ٻڌاءِ

## باب منجهه بيان "نون" ساڪن ۽ "تَنوِينَ" جي

٣. هاڻي "نون" ساڪن ۽ "تَنوين" جا چوڪا چارَ حال ڳڻج
٤. "تنوين" جو نون چئجي ساڪن "نون" کي، ڪلمي (لفظ) جي آخر ۾ اچي لڳي
٥. صورت ۾ پاڻ نہ پسجي، پر سندس ٻدران ٻِي اعراب وڌائجي
٦. تنهن ڪري جتي ٻہ اعرابون لين، تتي "تنوين" جو نُون ساڪن پڙهجي.
٧. پر آءُ انهن چئني جا حالَ ڳڌي ٿو چوانِ سي سڄ:
٨. تہ هڪڙو "اِظهَارُ" ٻيو "اِدْغَامر"، ٽِرِئو "اِخْفَاءُ" چوٿون "قَلبَ" ٿيو
٩. "اِظهار" اُتي ڪجي جتي حَلقِي حرف جي پنيان ڪو حرف ٻنهين کي اچي.
١٠. سي حَلقِي حرف ڇهہ آهن جيبي "خَحَئَغَعَهُ" منجهان پڌرا آهن
١١. اِن جو مثال "مِنْ غَلٍّ آمِنِيْنَ" آهي، ۽ اهڙيءَ طرح ٻيا مثال پڙهي پروڙج.
١٢. "اِدغَامر" جو حال وري ڇهن حرفن "يَرْمَلُوْنَ" منجهان ڪجي
١٣. جئن تہ "مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ" ۽ ٻيا اِهڙا مثال
١٤. پر انهن ڇهن منجهان ٻہ چئن ۾ "غُني" سان اِدغَامر ڪجي ۽ ٻن ۾ "غني" ڪان سواءِ
١٥. اهي چارئي غُني وارا "يُوْمِنُ" لفظ ۾ آيل حرف آهن ۽ "ل، ر" غُني ڪان سواءِ حرف ڪري ڳڻيو.

بي ۽ لام ۾ ري لڳنجي، مثال ادغام بلاغُنّس جهڙو مِنْ مَالٍ

۽ مِنْ مَغْرَمٍ مُثْقَلُونَ ۽ بِمَا يَنْزِ اِنَّهُمْ بِرِ بِرِج،

۽ مِنْ لَدُنْكَ ۽ مِنْ رَبِّكَ مثال ادغام جو غُنّ ري ربي

مگر خلف راوي امام حمزہ جو غُنّ نہ بيري ڪيتهم ميم ۽ نون ۾

ٻران حرفن يرملون جي س بن جي نون ساڪن ڪڏ لکن منجهه ليي

بين اظهار پر جي انهيءَ ادغام ڪين ڪجي،

جهڙو قِنْوَانٌ ۽ صِنْوَانٌ ۽ دُنْيَا مثال سندانِ بيءِ

۽ ٽرو حال جو قلب جو سو بي منجهه ڪجي

قلب جنجي متن ڪي هت بن نون متو ۽ ميم ڪجي

تيلا هم نون تي نشان ميم جي سرخيس لکجي

جهڙو مِنْ بَعْدِ ۽ اَلِيْمٌ بِمَا كَانُوا منجهه نون متو ۽ ميم پر جي

بي ۽ مري تيره حرف تن جا لکي آيا

۽ جوٿو حال جو اخفا ۽ جو ٻيا ٻنهي تهکي آيا

جهڙو مِنْ ثَمَرَاتٍ ۽ جَنَّاتٍ تَجْرِي

هاڻي هن حسابي حرف مري بابجا وتريه تا

١- "غُني" سان "اِدغام" جا مثال هنن لفظن مان پڙهو:

٢- جهڙو : "مِنْ مَّالٍ" ، "مِنْ مُّغْرَمٍ مُّثْقَلُوْنَ" ۽ اهڙا ٻيا لفظ.

٣- ۽ "مِنْ لَّدُنْکَ" "مِنْ رَّبِّکَ" غُني کان سواءِ اِدغام جا مثال آهن.

٤- مگر راوي امام حَمزي جي پُٽ جي روايت موجب: "ميم" ۽ "نون" کان سواءِ ڪتي بہ "غُنو" نہ پڙهي

٥- پر "يَرْمَلُوْنَ" جي انهن اکرن سان گڏجي "نون" ساڪِن گڏ لکڻ ۾ ليي

٦- تہ پوءِ اُتي "اظهار" پڙهجي، "اِدغام" نہ ڪجي

٧- جهڙوڪ "قِنْوَانٌ" ، "صِنْوَانٌ" ۽ "دُنْيَا" سندن مثال آهن.

٨- ٽِريو حال "قَلبُ" جو سو هن طرح آهي تہ:

٩- "قَلَبُ" چئجي "مَتڻ" کي جڏهن "نُون" مٿان "ميم" اچي

١٠- تڏهن "نُون" مٿان "ميم" جي نشاني سُرخيءَ سان لکجي

١١- جهڙوڪ "مِنْ بَعْدِ" ۽ اَلِيمٌ بِمَا كَانُوْا" ۾ "نون" مٿان "ميم" پڙهجي

١٢- اهي تيرهن ئي حرف "اظهار" جا ٿيا، ۽

١٣- چوٿون حالُ "اِخفاءَ" جو تنهن کي ٻيا پندرنهن ئي حرف آيا

١٤- جهڙوڪ "مِنَ ثَّمَرَاتِ" ۽ "جَنَّاتٍ تَجْرِيْ"

١٥- هاڻي انهيءَ حساب سان مِڙني بابن جا اُوڻتِريہ حرف ٿيا

سَبَبُ تهجواءِ توجن اناويه تسامتيان ۽ انتريه تو الفا
ءِ هيڪو لامُ آهي زائدُ وجن لامُ هيڪو بداءِ آيو بابنگا

## بابُ منجھ بيانَ ميمَ ساڪنَ جي

مُوتُ ميمَ ساڪنَ ذي وَٺي حالَ تري
هيڪُ ادغامُ ٻيو اخفاءِ تيو اظهارُ آهي
ادغامُ تيي ميمَ ۾ اخفاءُ وَتِ ٻي
اِن ٻن حرفن ذا رابي سيڪه وَتِ اظهار ٻن جي
مثالَ ادغام جو جهرو ڪم من ملڪ ۽ اخفا جو ام ٻه
جنّهٔ آتي ۽ اظهار جا ام خلقوا ۽ ام هم جهر امري
۽ ايءُ ٻن ٻيو ورج قاعدو تغن نه تيي کهڙن حرفن نون ۽ ميم
ساڪن ري ٻران ٻن ۾ ٽن تيي جن جانئم اومري ڏيان ۽
لنکي ادغام ۽ اخفاءِ ٻن جوڪ تونونڪي قلب جت کجي
تغن اِن جانئم ساري سيٽ کجي
عين سن معنا غن جي جا توکي جا
نڪ منجا نڪري اوا زجو غن تهجونا ۽

١. اُن جو سبب اهو آهي جو اَناويهہ مثيان ٿيا ۽ اوڻٽِريهون "الف" ٿيو

٢. ۽ هڪڙو "لام" وڏيڪ آهي جيڪو بابن ۾ ٻہ ڀيرا آيو آهي.

## باب منجهہ بيان "مِيمَ" ساڪِن جي،

٣. هاٺي "ميم" ساڪن ڏي موث جيڪو ٽن حالتن ۾ ايندو آهي:

٤. هڪڙو "اِدعَام"، ٻيو "اِخفَاءُ" ۽ ٽِريو "اِظهَار" آهي

٥ . اِدغَام "ميم" ۾ ٿيي ۽ "اِخفَاءُ" "بي" مان وٺ.

٦. انهن ٻنهي حرفن ڌاران "بي" سيڪنهن وٺ اظهار پڙهجي

٧. اِدغَامِ جو مثال تہ "كَمۡ مِّنۡ مَّلَكٍ" ۽ اِخفَاء جو" "اَمۡ بِہ جِنَّةٌ" ۾ آهي

٨ . "اَمۡ خُلِقُوۡا" ۽ "اَمۡ هُمۡ" اِظهَار حبا مڙئي مثال آهن

٩. ۽ اِهو پڻ قاعدو پروڙج تہ "نُوۡن" ۽ "ميم" ساڪِن کان سواءِ ڪهين حرف ۾ "غُنو" ڪين ٿئي

١٠. پر انهن ٻنهي ۾ جن جاين تي پڻ "غُنو" ٿئي ٿو اُهي ڳٺايان ٿو

١١. اِدغَامُ ۽ اِخفَاءُ انهن ٻنهي جو اُتي ٿئي ٿو جتي "نون" کي قلب ٿو ڪجي

١٢. تہ انهن سيني جاين ۾ غُنو ساري سنيالي ڪجي

١٣. ۽ پڻ آءُ حبا تو . غُني جي معنيٰ ٿو چوان سا ڏيان سان ٻڌ

١٤. جيڪو نَڪ مان آواز تو نڪري، تنهن جو نالو "غُنو" آهي

جئ نک جلجي هتس ته ننکري سوا آوا ز
باب منجه بيان لام ساکن جي
هاتک حال لام ساکن جا بنا بهر ميحا ن
هنک ادغام بوء اظهار تن ساري بي سنيحان
ادغام تيبي ريء لام ام انا ته ارا اظها ر
جهر وهل لكم ء بل ربك اتي ا غا ميحوا هيحان
ء اظهار جهر وهل في ذلك ء بل هو ء بابن انا هيحا
بوقاعد وكل حرف نجو سني يا دكحا ه
ته بحال آهين سيکه حرف جاجده هوي ساكنا
هنک ادغام بوء اظهارا
ادغام کجي اتهم جت جهر بن اجينس ينم ككو
مخرج قرنيبا جهر وقد دخلوا ء قد تعلمون ات اظهار ان دارا
مكر حرف مدجا ء همزيحوا ادغام ايو نكهم جا ء
باب منجه بيان ري تلي ء سني جي
راسنغ ونج ريکي سد ر سحيت کري

١. جي نڪ کي هٿ سان جهلجي تہ اهو (غُني جو) آواز
نہ نڪرندو.

## بابُ منجهہ بيان "لام" ساڪِن جي

٢. حالَ "لام" ساڪن جا ٻين (حرفن) کا ٻاهـر نہ جاڻ
٣. هڪ "ادغام"، ٻيو "اظهار" تون ساري سنڀالي سڃاڻ
٤. "اِدغَام" ٿئي "ري" ۽ "لام" ۾، انهن کان سواءِ ٻين
سيني ۾ اظهار ٿئي
٥. جيئن "هَلْ لَّكُمْ" ۽ "بَلْ رَّبِّكَ" ۾ اِدغَام جو
اهجاڻ آهي
٦. ۽ "هَلْ فِيْ ذَالِكَ" ۽ "بَلْ هُوَ" ۾، توڙي ٻين ۾ اظهار
جو اهجاڻ آهي.
٧. ڪُل حرفن جو ٻيو قاعدو بہ سُڻي ياد ڪجو:
٨. تہ سيڪو حرف جڏهن ساڪِن هجي تڏهن
٩. انهن جي اِدغَام ۽ اِظهَار جون ٻئي صورتون بحال آهن.
١٠. اِدغَام اُتي ڪجي جڏهن سندس جهڙو ڪو مخرج
(وارو حرف) پٺيان اچيس.
١١. جئن تہ "قَدْ دَخَلُوْا" ۽ قَدْ تَعَلَّمُوْا"، جي نہ تہ انهن کان
سواءِ اظهار آهي
١٢. مگر "مَد" ۽ "همزي" جي حرفن جو اِدغَام ڪنهن بہ
هنڌ تي نہ آيو آهي.

## باب منجهہ بيان "ري" ٿُلهيءَ ۽ سَنهيءَ جي

١٣. اي سڄاڻ! "ري" جي بيان کي پڪيءَ طرح
سمجهي وٺج

پِهْرِ پَوْرِ پِرتِس تَاهَيْن رِيجَا قِسْمَ تِريْ
هَيْڪِي اِعْرَابَ وَارِيْ وَقْفُ بَجِهَمْ تِيْ
بِيْ آهِيْ جَزْمَ وَارِيَ جَايِنْ وَقْفُ رِيْ
۽ تِرِيَنْ وَقْف وَارِيْ آهِي

پُوءِ ٽُڌائِيْ ڪِ سَنَائِيْءَ جَا پِهرِيجِيْ سَاسَنْدِ هِنرِ اِعْرَابَ ڪَرِيْ آهِيْ ۽ هِنَ بِنْ جِيْ پَتَانْدَرِ اِعْرَابَ مَاقَبْلَ جِيْ لَهي پُوءِ جَا اِعْرَابَ وَارِيْ غَيْرِ وَقْفِيْ حَالَ تِهْجَا تِريْ هِيڪُو ٽِلِيْ پِرجِيْ پِيْشِ ڪَرِيْ جِيْ تُورِيْ سِيءِ بِهَنْ جِهَرُوْ رُبَمَا ۽ شَڪُوْرٌ حَلِيْمٌ ٥٥٥٥ بِوُءِنْ ٽِلِيْ ڪِجِيْ زَبَرَ وَارِيْ تُورِيْ جِيْ سِيءِ بِنْ بِهَنْ جِهَرُوْ رَبَّكَ ۽ طَيْرًا اَبَابِيْلَ تَرُوْءِ سَنِيْ پِرجِيْ زِيرِ ڪَرِيْ تُورِيْ هُوْءِ سُ هِيڪِرِيْ ڪِجِيْ هِنَ بِيْ جِهَرُوْ رِسَالَةٌ ۽ مِنْ نَارٍ وَّنُحَاسٌ ۽ پِرنْجَا جَزْمَ وَارِيْ غَيْرِ وَقْفِيْ سَاجِهِ حَالِ هُوْءِ ۽ هِيڪُوجَانْ زَبَرَ آيَسْ مَاقَبْلَمْ تَانْ پِنْ سَاتِلِيْ ۽ بِوُجِيْ آيَسْ پِيْشِ مَاقَبْلَمْ تَنْدَهِ پِنْ پِرنْجِيْ

١. پهرين پرت سين پروڙ ته "ري" جا ٽي قسم آهن:
٢. هڪڙي اِعْرَاب واري، جنهن تي "وَقْف" نه آهي
٣. ٻي جزم واري، جيڪا پڻ "وقف" کان سواءِ
٤. ۽ ٽرين پڻ "وقف" واري آهي.
٥ . پوءِ ٿُلهائِي يا سَنهائِي پهرينءَ "ري" جي سا سندس اِعْرَاب ڪري آهي
٦. ۽ هنن ٻنهي جي اعراب اڳئين حرف پٽاندر آهي
٧. پوءِ جيڪا اعراب واري وقف کان سواءِ "ري" آهي تنهن جا حالَ ٽِري آهن:
٨ . هڪڙو پيش جي ڪري ٿُلهِي پڙهجي، توڙي جي ٻه پيش هجن
٩. جهڙوڪ "رُبَمَا" ۽ "شَكُورٌ حَلِيمٌ"
١٠. ٻيو پڻ زبر واري ٿُلهِي ڪجي، توڙي جي ٻه زبرون هجن.
١١. جهڙوڪ "رَبِّكَ" ۽ "طَيْرًا اَبَابِيْلَ"
١٢. ٽِرئو زير جي ڪَري سَنهِي ڪري پڙهجي، توڙي هڪڙي يا ٻه زيرون هجن، جهڙوڪ "رِسَالَةِ" ۽ "مِنْ نَّارٍ وَّنُحَاسٍ" .
١٣. ٻي جزم واري غير وقفي "ري" سا ڇهين حالين آهي
١٤. هڪڙو اُها "ري" جنهن جي اڳئين اکر تي زبر آيل آهي، سا ٻه ٿُلهي آهي
١٥. ٻئو، جي آيس پيش اڳئين حرف تي ته ان کي ٻه ٿُلهو پڙهجي

جهروڤر انء مرجان مثال بنحا لنجاني
تروء تليتي ته زيركري ماقبلم جاهوبس عارضي
جهرو ارجع اليهم
ءجوت جي منفصل ما قبلم ايس زيرتان ين كج تلي
جهرو رب ارجعون ءيجن جي ايس ينم زبركي ينش
واروكو حروف مستعلي منجه كلم هيكري تاين كج تلي
جهرو مرصاد ء قرطاس
ءجي اي تريبي انهم ريكي نه كالي سازيركر سيني
جهرو فرعون ء فردوس
ءتري ري جاوقف واري حال تهجا چار
توري هوبي اعرابس توري ساساكنا
كين يان هوء اعرابس يو ماقبلس ساكنا
تاي تلي كجي سان ماقبل جي زبرء ينشا
جهرو نذر ء فليكفر كـ كفر
مثال ينش جاء بقدر ك وانحر ك الف شهر

١. جهڙوڪ "قُرْآنٌ" ۽ "مَرْجَانٌ" ٻنهي حالن جا مثالِ آهن.
٢. ڙِئو تنهن زبر ڪري ٿلهي ٿئي ٿي جا اڳئين اکر تي آيل هوندي
٣. جهڙوڪ "اِرْجِعْ اِلَيْهِمْ"
۴. ۽ چوٿون، جي اڳئين اکر مُنْفَصِلْ ۾ زير آئي ته به ٿُلهِي ڪري پڙهبي جئن ته "رَبِّ ارْجِعُوْنَ" .
٥ . پنجون، جي پُٺ ۾ ڪو زبر يا پيش وارو حرف مُسْتَعَلِي
٦. هڪڙي ڪلمي (جملي) ۾ آيو ته به "ري" ٿلهي ڪج
٧. جهڙوڪ "مِرْصَادِ" ۽ "قِرْطَاسِ" .
٨ . ۽ جي اِهي ٽريئي ڳالهيون نه هجن ته اِنهي "ري" کي سَنهي ڪري
٩. جهڙوڪ "فِرْعَوْنُ" "فِرْدَوْسُ" .
١٠. وقف واري ڙِرين "ري" جا حال چار آهن:
١١. توڙي اِعرَاب سان هجي يا ساڪِن هجي
١٢. يا پاڻ اعراب سان هجي پر ڪانئس اڳيون حرف ساڪن هجي
١٣. ته اڳئين حرف جي زبر ۽ پيش جي حالت ۾ "ري" ٿُلهِي ڪجي
١۴. "فَلْيَكْفُرْ" يا "كُفْرِ" پيش جا مثال آهن
١٥. ۽ "بِقَدَرِ" يا "وَانْحَرْ" يا "اَلْفِ شَهْرِ"

ٻيءُ مثال زبر جا

۽ سنيءَ کي ما قبل جي زير ڪري

جهرو مقابر ۽ واصطبر ڪ سحر سنجاه

جوت ين سدا ۽ سني ين جي جان الم ايسر يي ساڪنا

جهرو خير ۽ ضير وقف جي ويرا

## باب منجهه بيان مدّ جي

مدّ نتي ين شرطن ري سي ساري ٻيءَ سنج

هيڪو هن حرف مدّ جو سو سبب مدّ جو ٻيا لاڪينو سارنس

اي ٻيءَ جت نگالي تت مدّ نمور تينس ٥

ٻيو ٻهه سنجان حرف مدّ جا جي آهين ٻورا تري

هيڪ واو ساڪن ما قبلم اجيس جي پيش

ٻي يي ساڪن ما قبلم اجيس جي زير ٥

ترو ۽ الف ساڪن جو جزم ري هو ۽

اي تريءَ حرف اذ يت منجهه لفظ نوحيها جي سنجاڻيد

۽ سبب مدّ جا ين ٻه تنا ۽ ٻهڪن او ۽ ٻنڌج

١ـ اهي مثال زبر جا آهن.
٢ـ ۽ اڳئين حرف جي زير ڪري "ري" سنهي ڪجي
٣ـ جهڙوڪ "مَقَابِرَ" ۽ "وَاصْطَبِرْ" يا "سِحْرٌ" جا الفاظ.
٤ـ جوتون پڻ سدائين سَنهِي پڙهجي جي اڳ ۾ "يي" ساڪِن آيس
٥ـ جئن تہ وقف جي مهل "خَيْرَ" ۽ "ضَيْرَ" اچن.

## باب منجهہ بيان "مَدّ" جي

٦ـ ٻن شرطن ڪان سواءِ "مَدَ" نہ ٿيي، سي ساري ٻُڌج:
٧ـ هڪڙو مَد واري حرف جو هئڻ ۽ ٻيو پٺيان لاڳيتو ساڻس "مَد" جو هئڻ
٨ـ جتي اهي ٻئي ڳالهيون نہ آهن تتي "مَد" مور نہ ٿيندي
٩ـ پر پهرين "مَد" جا حرف سڃاڻ جيڪي پورا ٽِري آهن:
١٠ـ هڪڙو "وَاوُ" ساڪِن جنهن جي اڳئين حرف تي پيش آيل آهي.
١١ـ ٻِي "يي" ساڪِن جنهن جي اڳئين حرف تي زبر آيل آهي.
١٢ـ ٽِرئو "الف" ساڪِن جيڪو جزم ڪان سواءِ آيل هجي.
١٣ـ اهڙيءَ طرح اِهي ٽريئي حرف سڃاڻي ڇڏ جيڪي لفظ "نُوْحِيْهَا" منجهہ سمايل آهن.
١٤ـ اي ٻَهڳُڻ! اهو بہ ٻُڌي ڇڏ تہ "مَد" جا سبب ٻہ ٿيا:

هيڪ همزو ٻيو ساڪن حرف سنج ٥

هن ٻن منجها هيڪ کڙو جڏهن پيا نان حرف مد جي اڳي

تڏهن مد درست هوءِ اُتهم هي سان هنيج ؛

جهڙو سوءِ سيئي ءِ ساءِ شرط ٻئي ساريج

ءِ آلان ءِ تامروني ءِ نٓ من انهم ٻرونجاني ونيج

موني موت مد تي ته آهنس قسم ترئي

هيڪي لازم ٻي واجب ترئي جائز جانيج

تان لازم جنهجي تهڪي سبب جنهجو حرف ساڪن رهم رهي وقف تي

جهڙو آلان ءِ ضالين ءِ طسم مثالاس ئي

ءِ جنهجي ٻن ان مد کي قدر الف ترئي

ءِ مد واجب جنهجي تهڪي سبب جنهجو همزو هوئي

ير شرط تنهجو هي ٻج ته حرف مد جو ءِ همزو

هنڌا ٻئي منجه ڪلم هيڪڙي

جهڙو سوءِ اولئڪ ءِ جئي ٻرو مثالن کي

ءِ جنهجي هن مد کي قدر جين الفجو مٿي قول امام اسانجي

١ـ هڪ "همزو" ٻيو ساڪن حرف ياد ڪـج
٢ـ انهن ٻنهين منجهان هڪڙو جڏهن "مَد" واري حرف کان پوءِ اچي
٣ـ تڏهن اُتي "مَـد" درسـت ٿـئي. اهو دل سان هـنڊائـج
٤ـ جهڙوڪ سُوٓءَ، سِيٓءَ ۽ سَآءَ ۾ ٻئي شرط يـاد ڪـج
٥ ـ "اَلْآنَ" ، "تَاْمُرُوْنِيّٓ" ۽ "نٓ" ۾ پڻ اهڙيءَ طرح حل ڪري ونـج.
٦ـ ڦِري اَچُ "مَـد" تي جنهن جا قـسم ٽِـري آهـن:
٧ـ انهن مان هِڪڙي "لازم" ٻِي "وَاجِب" ۽ ٽِرينءَ کي "جَائِز" چائج
٨ ـ "لازم" تنهن کي چئجي جنهن جي "ري" واري حرف ساڪن سبب عارضي وقف ٿيي
٩ـ جنهن جا مثال "اَلْآنَ"، ضَآلِّيْنَ" ۽ "طٰسٓمٓ" لفظن ۾ آهن
١٠ـ ۽ پڻ انهيءَ "مَد" کي ٽِرن اَلفن جي برابر ڇڪجي (ڊِگهو ڪجي)
١١ـ "مَد" واجب تنهن کي چئجي جنهن جو سبب "همزو" هجي
١٢ـ پر تنهن جو شرط هي آهي تہ حرف "مَد" جو ۽ همزو
١٣ـ اهي ٻئي هڪڙي ڪلمي ۾ هوندا
١٤ـ جهڙوڪ سُوٓءَ، اُولٰٓئِکَ ۽ جِيٓءَ جي مثالن کي پڙهو
١٥ـ ۽ اسان جي امام جي قول موجب هِن مَدَ کي چئن اَلفن جي برابر ڇڪجي(ڊِگهو ڪجي).

اهي ڪا حرف سا همزو جهمون سبب مد کي ته جنهن جا ۽
پر همزو نا آهي منجهه ڪلم مدّ جي يا نان هو ۽ پري

جهڙو مَن آ ما

۽ جنهن کي مدّ آهي سبب ساڪن حرف جي
جو ساڪن تو ۽ عارضي سبب عارضي وقف جي
جهڙو نستعين ڪ يعلمون منجهه حالة وقف جي
۽ قد رکي ڪن ان مدّ جوين متي قول قاري اسا آهي
چار الف ڪجي همزي وارين ۽ وقف وارين ترڪي جي
ڪ به چه نجي ڪ هٿن نه ڪجي
نه رخصة رکيا ۽ اسم بن قولن ڪي
اِت سي مدّ مدني ۽ آءِ ي پر مدار پرور متي
۽ بن مراد الف چه ڪن جي هن جا ۽ ساري سگهه اها
ته مت پيري منجها جنهن اڳين جو جي هيڪ ته اي تو ۽ فقد

باب منجهه بيان هي ضمير جي

بن حال آهي هي ضمير جي هيڪ صلو بو ۽ قطعا

١ـ ۽ جائز تنهن مَد کي چئجي جنهن جو سبب همزو يا ساڪن حرف آهي

٢ـ پر "مَـد" واري ڪـلـمـي ۾ هـمـزو نـاهـي، ماڳهين پري هجي

٣ـ جهڙوڪ "مَا" ، "آمَنَ" .

٤ـ ۽ جي ڪو "مـَد" سـاڪِـن حـرف جي سـبـب آهــي

٥ ـ جو عارضي وقـف جي سـبـب عـارضـي ساڪن ٿيو

٦ـ جهـڙوڪ "نَسْتَعِيْنُ" ڪِ "يَعْلَمُوْنَ" وقـف جـي حالـت ۾

٧ـ اسان جي قاريءَ جي قول مطابق انهي "مَد" کي (ڇڪڻ جو قدر)

٨ ـ همزي واريءَ کي چئن الفن جيترو ۽ وقف واريءَ کي ٽِرن الفن جي برابر ڇڪجي (ڏِسو ڪجي)

٩ـ يـا ٻـن الـفـن جـيـتـرو ڇـڪـجي يـا ماڳـهـيـن نـہ ڇـڪـجـي

١٠ـ انهيءَ ۾ ٻنهي قولن جي رعايت رکيائون.

١١ـ اِتـي سيـئـي "مَدُون" آئـيـون پر انـهـن جـو مـدار مـٿـي پـروڙ

١٢ـ ۽ ٻڻ الـف ڇـڪـڻ جـي مـراد هِـتـي ٺـي سـنـيـاري سِـڪ

١٣ـ تہ مُٺ پيڙيل منجهان هڪڙي آگر ڪولڻ (ڇورڻ) جو وقفو هـڪـڙي الف جي برابر ٿيو.

## باب منجهہ بيان "هي" ضمير جي

١٤ـ ٻن حالـن ۾ "هي" ضمير ڳڻجي ٿو: هڪ "صِلُو" ٻيو "قَطعًا"

پر هي ضمير جي جيجي ٿيڪي جا هيڪلي هوءِ ڪلم سڃوڻي منجهس
اشاري جي معنا، ساسهڪي پروڙڻ پرڳڻي آهي ابوجهن لاءِ
پرسي ورسنجن هن پرته اوءِ اچي منجهه ٻجاڻي ڪلما
ءِ هيئي جي ڪلم جي ٿنجو ڪار ناهه
ڪذبهم هون اولم ڪذبهم وجهم ڪذبهٖ ٻجاڻي ڪلما
ءِ ٻن وصل ٿنم اضلا ناهه روا
مراد منجا وصل هت آهي ادا
ٿجي هوءِ پيش هيٺئين ته پرجنس پنم واوساڪنا
جيڪي پرجنس پي ساڪن جي هوءِ زير ٿهم ڪا
ءِ زبر واريڪي ڪيتهم آهي وصل وات نڪا
پرسو واوءِ ي وقف وت ٻن ڪين پرجنءِ نڪ
لکجن وقت پرنا، وري سن ورنيام ته ٿجي سو وصل ڪهڙي جاءِ
جت هون هيڪي ٻن پاس حرف اعراب وارا
تان انهن هنس مري قاري صلو پارين تا
جهروله ما بين ايدينا

١- پر ”هي“ ضمير جي تنهن کي چئجي، جا ڪلمي سڄي ۾ اڪيلي اشاري جي معنيٰ ۾ هجي
٢- اُها پڙهيلن کي پروڙڻ سهڪي، پر ابوجهن لاءِ اَوکي آهي
٣- پر اُهي پل هن طرح سمجهن ته اها ڪلمي جي پڄاڻيءَ ۾ اچي ٿي
٤- ۽ ڪلمي ۾ جيڪي (پيونِ) ”هي ئون“ اچن ٿيون تن جو ضرور نه آهي
٥ - ڪڏهن شروع ۾، ڪڏهن وچ ۾ ته ڪڏهن ڪلمي جي پڄاڻيءَ ۾ هجن
٦- ۽ پڻ تن ۾ گڏجڻ (وصل) اصل جائز نه آهي.
٧- هتي وصل مان مراد هيءَ آهي:
٨ - ته جي ”هي“ تي پيش هجي ته، پُٺ ۾ واوُ ساڪن پڙهجي
٩- جي ”هي“ کي زير هجي ته پُٺ واري ”يي“ ساڪن پڙهجيس.
١٠- ۽ زَبر واريءَ کي وصل جي اصل ڪا واٽ ڪانهي.
١١- پر سو ”واوُ“ ۽ ”يي“ وقف وٽ پڻ ڪينَ پڙهجن ۽ نڪي پڙهڻ لکڻ وقت پڙهجن.
١٢- اي وريام! هاڻي وري ٻڌ ته سو وصل ڪهڙيءَ جاءِ تي ڪجي:
١٣- جتي ”هي“ کي ٻنهي پاسن اعراب وارا حرف هجن
١٤- تان اُنهين ”هي“ سين مڙئي قاري صِلُو پارِين ٿا
١٥- جهڙوڪ ”لَهٗ مَا بَيۡنَ اَيۡدِيۡنَا“

۽ جان ھوءِ سُ جزم ڪھم ياسي تان ساري پڇ قطعا
جھرو منه الوتين ڪي عنه ماله ڪي له الاسماء الحسنيٰ
مکر ھوءِ جي ما قبل ھيجو جزم وار وءِ ما بعد اعرابا
تان ات ابن ڪثير قاري مڪيجو پڙهي سيت وصلا
۽ بو حفص راوي امام عاصم جو جھڙي تا اس پر قراتا
سون اھڙي صورتم پڙهي صلو ھيڪڙيھم جاءِ
فيه مهانا فرقانم سو لفظ مبارڪا
۽ بيا عامري قاري ان قسم کي پن سيت قطع پڙهنا

## بابُ منجه بيانَ وقف جي

وري ور وقف تي ته ڪونه ڪو قرآن ترن قسمن ري
ھيڪ اسڪان بو اشمام روم نام تري
تاپي اسڪان سين اعراڻ وت درست آھي
۽ افضل پڻ اھو قسم تنو سبب سهڪا ٿيجي
۽ روم درست آھين زير ۽ پيشم
پر زبر مڙن ھيڪوئي سيبويه پڙي

١. يا هجيس جزم کهين پاسي، ته ساري قطعا ڪج
٢. جهڙوڪ "مِنۡهُ الۡوَتِيۡنَ" ڪِ "عَنۡهُ مَالُهٗ" ڪِ "لَهُ الۡاَسۡمَآءُ الۡحُسۡنٰي"
٣. مگر جي "هي" جو اڳيون حرف جَزم وارو ۽ پويون حرف اعراب وارو هجي.
۴. ته اُت اِبن ڪثير قاري مَڪي جو سيئي وصل وارا پڙهي
۵ . ۽ ٻيو اِمام عاصم جو راوي حَفَصُ، جنهن جي اسين قرأت پڙهون ٿا
٦. اُهو پڻ اهڙيءَ صورت ۾ هڪڙيءَ ئي جاءِ تي صِلُو پڙهي ٿو
٧. "فِيۡهِ مُهَانًا" فرقان ۾ سو مبارڪ لفظ آيو آهي
٨ . ۽ ٻيا مِڙئي قاري اِن قسم کي سيئي قطع پڙهن ٿا.

## باب منجهه بيان "وقف" جي

٩. وري اچو وقف تي ته قرآن ۾ ٽرن قسمن جا وقف آهن:
١٠. هڪڙو "اِسۡکَانُ" ٻيو "اِشۡمَامُ"، ٽرئي جو نالو "رَوۡمُ"
١١. تنهن هوندي به اِسکَانُ سڀني اِعرابَن وٽ درست آهي
١٢. ۽ سَهڪائيءَ جي سبب ڪري افضل به اهوئي قسم ٿيو.
١٣. "رَوۡمُ" درست آهي ئي زير ۽ پيش ۾
١۴. پر زبر ۾ پڻ هڪڙوئي سِبَوَيۡهِ پڙهي.

۽ ترڪ جا اڌا ۽ ڪرن روم جي ساهه هري يت سگهي
جن ڪا اتي پدري اعرابي ڪجي
جيڪي جيڪي هرن هرن جن پراهم نه پروري
۽ اشمام ڪجي پيشمي هند جاءِ نه ناه لبنا
پرادا ۽ ٿهجو اي تيي جن ر ۽ آواز اشارو ڪجي
پيجا ناساڪن ڪرن حرفجي پيش ذ ا ه
جن بورو پورو پيس پسن بس اکسن جي
۽ اندو لکيس نه اکن ذ ا را
مولي مره من مذنبي ۽ عمرن مؤمنگي ۽ مهجن ماءِ ونکي
برڪة قرآن امام جي ۽ حرمة مير محمد جي صلي الله عليه وسلم
سي سيئي ميتي سان سنيا ڪلم اطيب جي
اميد آهم اڪري اي اڪا ان ڪري
جن رحمة ٿهجي سبقة ڪيي غضب ٿهجيکي
۽ الن جيو لطفسان لا تقنطوا به باج ڪري
۽ پن رڪان اسرو ذنه موج يغفر مادون ذلك جي

۱۔ ۽ ”رَوْمَ“ حبي ادا ڪرڻ جي ريت ھھڙيءَ پيت
سڪجي
۲۔ جنهن اعراب جي ڪا پَتِي پڌري ڪجي
۳۔ تہ جيڪي چئجي سو ھرڙي ھرڙي جئن پراھون
نہ پروڙي
۴۔ ۽ اِشمَام پيش ۾ ڪجي، ٻئي ھنڌ جائز ناھي
۵ ۔ پر سو ادا ايئن ٿئي جئن آواز ڪان سواءِ چپن سان
اشارو ڪجي.
۶۔ حرف جي ساڪن ڪرڻ پڇاڻا پيش ڏانھن
۷۔ جئن اکين سان پسڻ سين پورو پروڙيس
۸ ۔ ۽ انڌو اکين ڏاران نہ لکيس.
۹۔ مولىٰ، مون مُذنِبُ، مڙني مومنن ۽ منهنجن
مائٽرن کي مَرهين
۱۰۔ برڪت قُرْآن اِمَام جي ۽ حُرْمت مير مُحَمّد صَليَّ اللهُ
عليہِ وَسلَّمَ جي
۱۱۔ سي سڀيئي ميٿيين ساڻ سنيال
ڪلمي اَطيَبَ جي.
۱۲۔ اميد آھم اگري اي آگا اِنَ ڪري
۱۳۔جئن رحمت تنهنجي سبقت ڪئي غضب
تنهنجي کي
۱۴۔ ۽ لالڻَ چيو لطف سان ”لَا تَقْنَطُوْا“ ٻهون باجھ ڪري
۱۵۔ ۽ پڻ رڪان آسرو ڏانہ موجَ ”يَغْفِرْمَا دُوْنَ
ذَالِکَ“ جي.

يَرُوَرَمُنْ بِسَاءِ يَانُ اَكْنِسِ ءِ رَهَاءِ يَارِيْ رَسُوْلِجِيْ

جَلْوِيْ جُوْتِ جَمَالِجِيْ كَا اللّٰهَ لُهْرِ لُطْفَ لِكِيْ

سَانُ يَسَنْ يَرْتَوِيْ جِهِمْ مُهْجِيْ قَلْبَ كَتُ وَنْجِيْ

خَاتَمُ مُنْ خَسِيْنُ جُوْتُنْ خَاوَنْدَ خَيْرُ كَرِيْمَ جِي

كَلِمُنْ مُهْجِيْ قَلْبَ تُنْ دَ نِيَمِ دَرَارِئِيْجِي

لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمْ

۱. پَرْوَرْ مون پساءِ پاڻ اکين سين ۽ رهاءِ پاڙي رَسُولَ جي

۲. جلوي جوت جمال جي کا اللهُ لهر لطف لَڳي

۳. ساڻُ پسڻ پرَتوي جهين منهنجي قلب ڪَٽ وجي

۴. خاتم مون خسيس جو تون خاوند خير ڪريج

۵ . ڪلمون منهنجي قلب ۾ تون ڏٽيم ڏرائيج

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ

صَلَّي اللهُ تعَاليٰ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

# ضميمو

## مخرجن جو تفصيل

**جوفي مخرج** (وات جي خال يا خالي حصي مان ادا ٿيندڙ حرف)

(١) ا، و، ي (حروف مَده): جيڪي وات جي خال يا خالي حصي مان ادا ٿين

**حلقي مخرج** (نڙيءَ مان ادا ٿيندڙ حرف)

(٢) ء، ھ: جيڪي نڙيءَ جي آخري حصي مان ادا ٿين

(٣) ع، ح: جيڪي نڙيءَ جي وچ واري حصي مان ادا ٿين

(۴) غ، خ: جيڪي نڙيءَ جي ابتدائي حصي مان ادا ٿين

**لساني مخرج** (زبان مان ادا ٿيندڙ حرف) ۹

(۵) ق (حرف لهويہ): جيڪو زبان جي پاڙ ۽ تارونءَ جي نرم حصي مان ادا ٿئي

(٦) ڪ (حرف لهويہ): جيڪو زبان جي پاڙ ۽ تارونءَ جي سخت حصي مان ادا ٿئي

(٧) ج، ش، ي (حروف شجريہ): جيڪي زبان جي وچين حصي ۽ ان جي سامهون تارونءَ واري حصي مان ادا ٿين

(٨) ض (حرف حافيہ): جيڪو زبان جي چوٽي وارن پاسن ۽ مٿين ڏاڙهن جي پاڙن مان ادا ٿئي.

(٩) ل (حرف طرفيہ يا حرف ذلقيہ): جيڪو زبان جي چوٽيءَ واري حصي ۽ ضواحڪ کان ثنايا عليا تائين تارونءَ واري حصي مان ادا ٿئي

(١٠) ن (حرف طرفيہ يا حرف ذلقيہ): زبان جي چوٽيءَ واري حصي ۽

انياب كان ثنايا عليا تائين تارونءَ واري حصي مان ادا ٿيندڙ

(١١) ر (حرف طرفيہ يا حرف ذلقيہ): "ن" واري مخرج جي ويجهو آهي پر ان ۾ زبان جي پٺيءَ جو بہ دخل آهي

(١٢) د، ت (حروف نطعيہ): ثنايا عليا جي پاڙ ۽ زبان جي چوٽيءَ مان ادا ٿيندڙ

(١٣) ز، س، ص (حروف اسيلہ): زبان جي چوٽي ۽ ثنايا سُفليٰ جي وچ مان ادا ٿيندڙ

(١۴) ذ، ت، ث (حروف لثويہ): زبان جي چوٽي ۽ ثنايا عليا جي پاسن مان ادا ٿيندڙ

## شفوي مخرج (چپن مان ادا ٿيندڙ حرف)

(١۵) ف (حرف شفويہ): هيٺين چپ جي پيٽ ۽ ثنايا عليا جي پاسن مان ادا ٿيندڙ

(١٦) ب، م، و (حروف شفويہ)

ب= بنهي چپن جي پنل حصن ملائڻ سان ادا ٿئي

م= بنهي چپن جي خشڪ حصن ملائڻ سان ادا ٿئي

و= بنهي چپن کي گول ڪرڻ سان (مگر چپ پاڻ ۾ نہ ملن) ادا ٿئي.

## خيشوي مخرج (نڪ مان ادا ٿيندڙ حرف)

(١٧) ن غنو (حرف خيشوي): خيشوم يعني نڪ مان ادا ٿئي.

## مخرج ۾ مدد ڪندڙ ڏندن جا نالا

ثنايا= اڳيان وچ وارا هيٺيان مٿيان چار ڏند

ثنايا عُليا= اڳيان وچ وارا مٿيان بہ ڏند

ثنايا سُفليٰ= اڳيان وچ وارا هيٺيان بہ ڏند

رُباعيات يا قواطع = جملي چار ڏند جن مان ٻہ ڏند ثنايا عُليا جي ساڄي ۽ کاٻي هڪ هڪ ڏند ۽ ٻہ ڏند ثنايا سفليٰ جي ساڄي ۽ کاٻي هڪ هڪ ڏند

انياب= رباعيات سان لاڳو ڇهنبيارا چار ڏند: مٿان ساڄي ۽ کاٻي هڪ هڪ ڏند، ۽ هيٺ ساڄي کاٻي هڪ هڪ ڏند

ضَواحڪ= انياب کان پوءِ مٿان ساڄي ۽ کاٻي هڪ هڪ ڏاڻ ۽ هيٺ ساڄي ۽ کاٻي هڪ هڪ ڏاڻ، جملي چار ڏاڻون (ڏاڙهوُن)

طواحن= ضواحڪ کان ساڄي ۽ کاٻي مٿيون ٽي ٽي ڏاڻون، ۽ هيٺ بہ ساڄي ۽ کاٻي ٽي ٽي ڏاڻون. اهي جملي ٻارهن ڏاڻون

نواجذ= طواحن جي ساڄي ۽ کاٻي مٿان هڪ هڪ ڏاڻ ۽ هيٺ بہ ساڄي کاٻي هڪ هڪ ڏاڻ، جملي چار ڏاڻون (ڏاڙهون)

اضراس= ”ضواحڪ“ کان وٺي ”نواجذ“ تائين هيٺ مٿي واريون جملي ويهہ ڏاڻون (ڏاڙهون).

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY

سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو

Hyderi Printing Press, Lajpat Road, Hyderabad.